# شمس بين:

## استعمال جون هدايتون






مڪمل سج گرهڻ

سومر, 8 اپريل 2024


© 2013-2024
Eclipse2024.org

# TERMS AND CONDITIONS FOR USE OF ECLIPSE GLASSES

**Please read these Instructions for Use carefully before using the Eclipse Glasses. Your purchase and use of the Eclipse Glasses constitutes your agreement to these Terms and Conditions. Failure to follow these Instructions for Use may result in serious personal injury, including permanent eye damage. If you do not understand these Instructions or cannot follow them diligently and completely, then you should not look at the Sun at any time, with or without the Eclipse Glasses.**

The term “Eclipse Glasses” refers to the special cardboard-and-polymer optical products, marked “ISO 12312-2” and “SAFE FOR DIRECT SOLAR VIEWING”, manufactured by Rainbow Symphony of Reseda CA or American Paper Optics of Bartlett TN, and sold by Eclipse2024.org for the purpose of viewing the Sun during the solar eclipse of April 8, 2024, by or under the direct supervision of a person 18 years of age or above and in accordance with these Instructions for Use.

Observing the Sun directly, without the benefit of eye protection provided by the Eclipse Glasses, will likely result in serious personal injury, up to and including permanent eye damage and blindness. When these Instructions for Use are followed completely and precisely, the undamaged and unmodified Eclipse Glasses have been proven to be safe and effective in allowing direct, short-term viewing of the Sun. If these Instructions for Use are not followed, or if damaged or modified Eclipse Glasses are used, permanent eye injury could result.

You should never look directly at the Sun, with or without the aid of the Eclipse Glasses, if you have any temporary or permanent medical or other condition which either (1) prevents your use of the Eclipse Glasses according to these Instructions for Use, or (2) which predisposes you to an increased or special risk of incurring, worsening, or contributing to the effects of any optical condition, or other medical, health, or other condition, by looking or attempting to look at the Sun.

You should never attempt to perform any other activity (such as driving or walking) while using the Eclipse Glasses.

You agree that if you allow others to use the Eclipse Glasses, you will provide each such user with a copy of these Instructions for Use and will make sure such user reads and understands the Instructions for Use before using the Eclipse Glasses.

By using the Eclipse Glasses to view the Sun, you agree with the following:

(a) you understand these Instructions for Use completely;
(b) you understand and accept the risks associated with improper use of the Eclipse Glasses;
(c) you accept full responsibility for, and assume all risks associated with, the act of viewing the Sun, with or without the use of the Eclipse Glasses; and
(d) the Eclipse Glasses are fragile, and any damage or modification will render them immediately and permanently unusable for their intended purpose.

Release and Limitation of Liability

By way of purchasing and using the Eclipse Glasses, you are irrevocably releasing, indemnifying, and holding harmless the manufacturer and seller from any liability, loss, claim and expense (including attorney’s fees), including but not limited to bodily injury or other personal harm, which may result from using the Eclipse Glasses under any circumstances or conditions and irrespective of jurisdiction. Neither the manufacturer nor the seller will be responsible for any damages of any kind, irrespective of reasons, conditions or circumstances, including malfunctioning of the Eclipse Glasses. All risks associated with using the Eclipse Glasses rest solely and entirely with the user, irrespective of whether the Eclipse Glasses are used by the original purchaser or any third party. You fully understand and assume the risks in using the Eclipse Glasses. You confirm that you have read this release of liability and fully understand its terms and that you have given up substantial rights by purchasing and using the Eclipse Glasses.

THE MANUFACTURER AND SELLER OF THE ECLIPSE GLASSES MAKE NO WARRANTY OF ANY KIND, EXPRESSED OR IMPLIED, WITH RESPECT TO THE ECLIPSE GLASSES, INCLUDING BUT NOT LIMITED TO THE IMPLIED WARRANTIES OF MERCHANTABILITY, FITNESS FOR A PARTICULAR PURPOSE, AND NON-INFRINGMENT. NEITHER THE MANUFACTURER NOR THE SELLER SHALL BE LIABLE FOR ANY OTHER DAMAGES, INCLUDING BUT NOT LIMITED TO DIRECT, INDIRECT, INCIDENTAL, SPECIAL, CONSEQUENTIAL, OR EXEMPLARY DAMAGES, WHETHER IN AN ACTION IN CONTRACT OR TORT (INCLUDING NEGLIGENCE AND STRICT LIABILITY), SUCH AS, BUT NOT LIMITED TO, LOSS OF ANTICIPATED PROFITS OR BENEFITS RESULTING FROM, OR ARISING OUT OF, OR IN CONNECTION WITH THE USE OR FURNISHING OF THE ECLIPSE GLASSES OR THE PERFORMANCE, USE OR INABILITY TO USE THE SAME, EVEN IF THE MANUFACTURER OR SELLER HAS BEEN ADVISED OF THE POSSIBILITY OF SUCH DAMAGES. IN NO EVENT WILL THE MANUFACTURER’S OR SELLER’S TOTAL LIABILITY EXCEED THE PRICE PAID FOR THE PRODUCT.

Note Regarding Translations

Translations of these Instructions for Use into various languages are provided “AS-IS” and solely for the convenience of the reader. Eclipse2024.org has made reasonable efforts to ensure the accuracy of the Translations; however, in the event of any perceived discrepancy in meaning or interpretation between the English version and any Translation, the English version will prevail. You should not act in reliance on anything contained in any Translation of these Instructions for Use, but should refer to the official English version.


*© 2016-2024 Eclipse2024.org*


# ***<u>مڪمل سج گرهڻ – 8 اپريل 2024</u>***

**اتر آمريڪا ۾ خوش آمديد!**

اسان کي فخر آهي جو توهان سج گرهڻ جي تجربي مان محظوظ ٿيڻ جي لاءِ هن ملڪ کي چونديو ۽ اسان به اهيو ئي چاهينداسين ته هر هڪ هن عاليشان نظاري سان محفوض انداز ۾ لطف وٺي سگهي.

اسان فقط توهان جي سهولت جي لاءِ هي هدايتون سنڌيءَ ۾ فراهم ڪري رهيا آهيون. هنن هدايتن، احڪامن ۽ دستبردارين (هدايتون) جو انگريزيءَ ۾ بيان، سج جي نظاري ڪرڻ واري شمس بين جي واجب ۽ درست استعمال جو مڪمل ذريعو آهي. هدايتون هن ويبساءيٽ تي موجود آهن. https://tinyurl.com/2024Instructions ۽ شمس بين جي استعمال جي لاءِ توهان کي اهي هدايتون لازمي پڙهڻيون پونديون، سمجهڻيون پونديون ۽ انهن تي عمل ڪرڻو پوندو. **هدايتن تي عمل پيرا نه ٿيڻ جو نتيجو ڪنهن سنجيده ذاتي ايذاءَ ۾ نڪري سگهي ٿو.**

فلتسٽ ماهر 8 -اپريل 2024 تي "مڪمل گدائي" کي پوري ڪرڻ لاء سڏين ٿا، پر توهان کي پورو ڪرڻ لاء هڪ سو ٽڪرا ٽڪرا هجڻ گهرجي، جيڪو اتر آمريڪا کان ٻاهر آهي (جيڪو اهو "بهترين قول" آهي) ٻڌايو وڃي ٿو. جيڪڏهن توهان ميدان تي موجود نه آهيو ته توهان صرف جزوي روشني ڏسڻ وارا آهيو. تنهن ڪري اهو معلوم ڪرڻ ضروري آهي ته توهان مڪمل طور تي مڪمل نقطي نظر ۾ موجود آهيو ۽ توهان جي وضاحت جو بيان جلد ئي بيان ڪيو ويندو .



مڪمل نظاري جو رستو

## <u>جلد شروعات جو رهننما ڪتابچو</u> <u>تفصيلي هدايتون</u>

”شمس بين“ جو اصطلاح، جيئن ته هن دستاويز ۾ استعمال ڪيو ويو آهي، واضح طور تي ”Eclipse Glasses“ جي نمائندگي ڪري ٿو، جنهن جو اشارو هن دستاويز جي پهرئين صفحي ۾ ڏنل دستبرداريءَ ۾ يا ٻئي ڪنهن جڳهه ته ڏنل آهي.

شمس بين کي استعمال ڪندي ڪنهن به وقت سج جو نظارو ڪرڻ جي لاءِ، توهان جو شمس بين کي استعمال ڪندي سج جو نظارو ڪرڻ قانوني معاهدو قائم ڪري ٿو. توهان کي لازمي درست ۽ مڪمل طور تي هن دستاويز ۾ شامل احڪامن جي پوئيواري ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن توهان کي هدايتون سمجهه ۾ نٿيون اچن يا جيڪڏهن توهان انهن جي مڪمل ۽ درست طريقي سان پوئيواري نٿا ڪري سگهو، يا جيڪڏهن انهن شرطن سان راضي نه آهيو ته پوءِ توهان کي اهيوحڪم ۽ صلاح ٿي ڏني وڃي ته ڪنهن به وقت، ڪنهن به طريقي کي استعمال ڪندي سج کي ڏسڻ جي ڪوشش نه ڪندا.

# شمس بين جو جلد شروعات جو رهنما ڪتابچو

*هي جلد آغاز سنڌيءَ ۾ تفصيلي هدايتن جي مجموئي منجهان مختصر ڪيو ويو آهي، جيڪي شمس بين استعمال ڪندي گرهڻ ڪي ڏسڻ جي لاءِ توهان ڪي لازمي پڙهڻيون پونديون، سمجھڻيون پونديون ۽ انهن جي پوئيواري ڪرڻي پوندي.*

1) **توهان پهنجي جڳهه جو اندازو هتي ڪلڪ** eclipse2024.org/find-times **ڪري لڳايو ۽ ڄاڻيو ته ڇا اتي گرهڻ مڪمل آهي يا نه ۽ اهيو پڻ ڄاڻيو ته ان جڳهه جي حساب سان جزوي ۾ (جيڪڏهن لاڳو ٿئي) مڪمل صورتن جي ظاهر ٿيڻ جو انڪل ڪهڙو وقت آهي.**

2) **هڪ مڪمل ڪاروائڻ هڪ عجيب واقعو آهي، پر توهان مڪمل طور تي ان کي پورو ڪري سگهو ٿا جڏهن "مڪمل اسٽريٽ ڏسڻ" ۾ تقريبا سؤ ڪلوميٽر ڪلوميٽر ڪلوميٽر هوندا. رستو صرف 200 ڪلوميٽر ويڪر ۾ آهي. مڪمل مڪمل نقطو توهان جي نامزد ڪيل مقام مان نظر نٿو اچي، پوءِ اسان توهان کي ڏاڍي ڏسڻ واري جڳهه کي مڪمل طور تي چونڊڻ لاءِ مشورو ڏيو ٿا.**

3) **گرهڻ کي ڏسڻ جي لاءِ شمس بين استعمال ڪندي، شمس بين جي جسماني شيشي کي پهنجي هٿن سان جهلي براه راست اکين جي مٿان ائين رکو ته جيئن اکيون سج جي براه راست نظاري کان مڪمل محفوظ رهن.**

4) **سج کي ڏسڻ جي لاءِ شمس بين ڪيڏي مهل استعمال ڪجي:**

**الف. جيڪڏهن گرهڻ توهان جي جڳهه تي مڪمل نه ٿيندو ته پوءِ شمس بين جي ذريعي سڀ وقت ڏسو. جيڪڏهن توهان اکين جي مناسب حفاظت جي بغير سج کي ڏسندا ته پوءِ توهان پهنجي اکين کي مستقل نوعيت جو نقصان پهچائي سگهو ٿا.**

**ب. جيڪڏهن گرهڻ توهان جي جڳهه تي مڪمل ٿيندو ته پوءِ توهان لازمي شمس بين جي ذريعي سج جو نظارو ڪيو پلي ته سج جي گولي جو ڪيترو به حصوروشن هجي پلي جيڪڏهن ننڍهڙو ٽڪڙو به ڏسجندو چو نه هجي. جيڪڏهن توهان هن هدايت جي پوئيواري نه ڪئي ته پوءِ توهان پنهنجي اکين کي مستقل نوعيت جو نقصان پهچائي سگهو ٿا.**

**i. ان هوندي به فقط مڪمل سج گرهڻ کان پوءِ مختصر وقفي جي دوران، جڏهن سج جي گولي جو ڪو به حصو نه ڏسجندو هجي، توهان سج گرهڻ ڏي بغير شمس بين جي نهاري سگهو ٿا.**

**ii. حقيقت ۾، مڪمل سج گرهڻ جي دوران جيڪڏهن توهان شمس بين جي ذريعي سج کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندؤ ته توهان کي ڪجهه به نظر نه ايندو!**

**iii. جيئن ئي مڪمل سج گرهڻ جو وقت ختم ٿئي ۽ سج جي گولي جو روشن حصو ظاهر ٿئي، توهان کي لازمي شمس بين جي استعمال ڏانهن واپس اچڻو پوندو.**

5) **بين لفظن ۾،**

**جڏهن سج جي گولي جو ڪيترو به حصو روشن چو نه هجي، سج جو نظارو ڪرڻ لاءِ توهان کي لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي!**

# شمس بين استعمال ڪرڻ جون تفصيلي هدايتون

سڀ کان پهرئين توهان کي ڪجھ اصطلاحن کان آگاهه هجڻ گهرجي!

هر هڪ گرهڻ ۽ زمين تي هر هڪ جڳهه جي لاءِ ڪجھ نالا آهن، جيڪي ڪجھ اهم واقعن جي وقتن جي حساب سان ڏنل آهن. اهي هيئنئن چاتا وڃن ٿا:

| واقعي جو نالو | واقعي جي تعريف | اهو ڪنهن جهڙو نظر اچي ٿو (مڪمل گرهڻ جي حوالي سان) | اهو ڪنهن جهڙو نظر اچي ٿو (جزوي گرهڻ جي حوالي سان) |
|---|---|---|---|
| C1 | جزوي مرحلي جي شروعات |  |  |
| C2 | مڪمل مرحلي جي شروعات |  | ** واقع نه ٿئي ٿو! ** |
| وچ گرهڻ | گرهڻ جو وچون نقطو |  |  |
| C3 | مڪمل مرحلي جي پڇاڙي |  | ** واقع نه ٿئي ٿو! ** |
| C4 | جزوي مرحلي جي پڇاڙي |  |  |



# *1) شمس بين جي استعمال جون عام هدايتون*

1) (*جيڪڏهن لاڳو ٿئي*) شمس بين ڪي احتياط سان ڪوليو.

2) شمس بين کي حفاظت سان رکو جڏهن استعمال ۾ نه هجي.

3) هر استعمال کان پهرئين شمس بين جو معائنو ڪيو، جيڪڏهن لينزفلم ڪنهن به طرح سان متاثر ياغير هموار هجي ته پوءِ شمس بين جا ٽڪرا ڪيو ۽ ان کي ضايع ڪري ڇڏيو ۽ ان جو محفوظ متبادل حاصل ڪيو.

4) جيڪڏهن لينزفلم ڪنهن به طرح سان متاثر آهي ته ان کي ڪنهن به وقت سج جو نظارو ڪرڻ جي لاءِاستعمال نه ڪندا.

5) شمس بين مان لينزفلم مواد نه هٽايو ۽ هٽايل لينزفلم مواد ڪنهن به طريقي سان سج جو نظارو ڪرڻ جي لاءِ استعمال نه ڪندا.

6) صحيح طرح چڙهيل ۽ بلڪل درست حالت ۾ موجود شمس بين جا لينز، خطرناد درجي جي ڏسجندڙ روشني ۽ ٻين شمسي ڪرڻن کي بحفاظت روڪي ڇڏيندا.تنهن ڪري هنن هدايتن ۾ ڏنل احڪامن جي مطابق شمس بين کي استعمال ڪندي ڪنهن به وقت سج جو نظارو ڪرڻ مڪمل محفوظ آهي. اهڙا ڪي به خاص ”گرهڻ جا ڪرڻا“ نه آهن جيڪي گرهڻ جي دوران سج جي نظاري ڪي گهٽ ڳا وڌيڪ خطرناڪ ڪن.

7) **توهان کي لازمي شمس بين ايئن استعمال ڪرڻو آهي جيئن هتي وضاحت ڪيل آهي ته جيئن توهان ڪنهن به وقت سج جي گولي جو روشن حصو محفوظ طريقي سان ڏسي سگهو. اها حقيقت آهي بغير ڪنهن به ظاهرٿيڻ جي وقتن (جيڪي ”C2“ ۽ ”C3“ چاڻيا وڃن ٿا جيئن مٿي بيان ڪيل آهي) جي پرواه نه ڪندي جيڪي توهان ڪنهن به ذريعي سان چاڻيا آهن.**

8) شمس بين کي ڪنهن به دوربيني، ٻه چشمي دوربيني، ڪيمرا لينز، آئيني يا ڪنهن شيشي جي اوزار، اٽڪل يا شئي سان گڏائي استعمال نه ڪندا جيڪو روشني گذاري يا ان کي رستو ڏئي يعني(”آپٽيڪل ڊوائس“).

9) ڪنهن به اهڙي آپٽيڪل ڊوائس جو سج جي طرف رخ نه ڪندا ۽ اهڙي طرح سج جي طرف رخ رکڻ واري، يا ڪنهن به طرح سان سج جي روشنيءَ جو ذخيرو ڪرڻ واري، روشنيءَ جو مرڪز ناهڻ واري يا روشنيءَ جو رخ مٽائڻ واري آپٽيڪل ڊوائس کي استعمال ڪندي براه راست سج جو نظارو ڪڏهن به نه ڪندا.

10) شمس بين جانورن کي استعمال ڪرڻ نه ڏيندا، ۽ نه انهن کي جيڪي عارضي طور تي ڪمزور آهن، جيڪي شمس بين جي محفوظ استعمال جي گهرجن کي پڙهي، سمجهي ۽ پوئيواري نه ٿا ڪري سگهن يا انهن جي عملن جي نتيجن جي قانوني طريقي سان ضميداري ٿا ڪٽن.



11) شمس بين استعمال ڪرڻ جي لاءِ:

شمس بين کي پنهنجي اکين ۽ سج جي وچ ۾ پنهنجي هٿن سان جهليوءِ شمس بين جي غير متاثر لينزمٽيريل منجهان سج جو نظارو ڪيو، ۽ تمام وقت شمس بين جو لينز مٽيريل مڪمل پنهنجي اکين ۽ سج جي وچ ۾ رکو. ان صورت ۾ جيڪڏهن شمس بين جو نمونوپاڻي جي عينڪ جهڙو آهي ته پوءِ توهان پاڻي کي ويڙهي اهڙي طرح سان پائي سگهو ٿا جيئن عام طور تي عينڪ پائبي آهي. جيستائين مڪمل گرهڻ نه آهي سج کي براه راست نه ڏسندا (جيئن C2 ۽ C3 جي وچ واري وقت دوران جيڪو توهان هيٺ ڏنل نقشي ۾ جاچيندا، جيڪڏهن اهڙا وقت توهان جي جڳهِ تي لاڳو ٿين ٿا) جيستائين توهان سج جو براه راست نظارو شمس بين جي غير متاثر لينز مٽيريل جي ذريعي ڪري رهيا آهيو.

12) سج جي نظاري جي لاءِ ڪو به ٻيو مواد يا شئي سواءِ شمس بين ۾ پختو رڪيل لينزز جي، جيڪي اصل ۾ سج جي نظاري دوران اکين جي حفاظت جي لاءِ ٺاهيا ويا آهن.

13) جيڪڏهن هنن هدايتن جي باري ۾ توهان کي ڪو به سوال آهي ته مهرباني ڪري Eclipse2024.org جي ذريعي هتي رابطو ڪندا .https://tinyurl.com/glasses-questions

## *2) پنهنجي جڳهه جي لاءِ گرهڻ جي موقع جي مخصوص وقتن جي باري ۾ سکو*

توهان جي جڳهه جي باري ۾ هن ويب سائيٽ [eclipse2024.org/find-times](eclipse2024.org/find-times) تي مهيا ڪيل معلومات جي بنياد تي، هيٺ ڏنل بيان مڪمل ڪيو:

***منهنجي جڳهه تي، گرهڻ آهي،***

| مڪمل | نا مڪمل |
|---|---|

*(ڪنهن هڪ تي دائرو لڳايو)*

| جيڪڏهن توهان جي جڳهه تي گرهڻ مڪمل آهي، ته هن ۾ ڏنل هدايتن تي عمل پيرا ٿيندا "منهنجي جڳهه تي گرهڻ مڪمل آهي" [هيٺيون سيڪشن](#): | جيڪڏهن توهان جي جڳهه تي گرهڻ مڪمل نه آهي، ته هن ۾ ڏنل هدايتن تي عمل پيرا ٿيندا "منهنجي جڳهه تي گرهڻ مڪمل نه آهي" [هيٺيون سيڪشن](#): |
|---|---|

## ** منهنجي جڳھ تي گرهڻ مڪمل آهي **

توهان مڪمل گرهڻ جي رستي ۾ آهيو، ۽ توهان هن ناياب ۽ شاندار موقع جو تجربو ڪندؤ! اهيو تمام اهم آهي جو توهان اهيو اندازو لڳائڻ جي قابل هجو ته توهان جي جڳھ تي گرهڻ ڪيڏي مهل مڪمل آهي. هيٺ ڏنل وقتن سان رجوع ڪندي توهان ايئن ڪري سگھندا ۽ پڻ ڇو ته مڪمل گرهڻ دوران سج جي گولي جو ڪو به حصو روشن نه هوندو.

1) توهان جي مخصوص جڳھ جي لاءِ هن ويب سائيٽ eclipse2024.org/find-times تي مهيا ڪيل معلومات جي بنياد تي، هيٺ ڏنل هر هڪ گرهڻ جي موقعي جي اٽڪل وقتن جي باري ۾ لکو(پنهنجي زون جي وقت جي حساب سان وقت ڪي ٺيڪ ڪندا!):

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| **C1** ڪان پهرئين | * گرهڻ نه آهي * | |  |  | توهان کي لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي |
| **C1** | جزوي مرحلو هن وقت شروع ٿيندو: | |  |  | توهان کي لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي |
| **C2** | مڪمل مرحلو هن وقت شروع ٿيندو: | |  |  | C2 کانپوءِ، توهان براه راست اک سان مشاهدو ڪري سگھو ٿا |
| **وچ گرهڻ** | واقع ٿئي ٿو: | |  |  | توهان براه راست اک سان مشاهدو ڪري سگھو ٿا! |
| **C3** | مڪمل مرحلو هن وقت ختم ٿيندو: | |  |  | توهان کي وري لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي |
| **C4** | جزوي مرحلو هن وقت ختم ٿيندو: | |  |  | توهان کي وري لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي |
| **C4** ڪان پوءِ | * گرهڻ نه آهي * | |  |  | توهان کي وري لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي |

2) توڻي توهان مڪمل گرهڻ جي راستي ۾ موجود آهيو تڏهن به توهان C2 کان پهرئين يا C3 کان پوءِ، جيستائين سج گرهڻ مڪمل نه آهي، سج ڏسڻ لاءِ توهان کي لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ پوندي.

3) توهان براه راست اک سان سج جو مشاهدو ڪري سگهو ٿا (بغير شمس بين جي استعمال جي) فقط تڏهن:

a. جيڪڏهن توهان جي جڳھ تي گرهڻ مڪل آهي (توهان "رستي منجه" آهيو)، ۽

b. مڪمل گرهڻ جي وقت دوران (يعني C2 کان وٺي C3 تائين جيڪوتوهان جي جڳھ جي حساب سان وقت آهي ان جي دوران، جيڪو توهان مٿي چاڻي آيا آهيو)، ۽

c. **جنهن مهل به جڏهن سج جو مڪمل روشن گولو چنڊ ڍڪي ڇڏي.**

مڪمل گرهڻ جو اصل وقت گڏي قدر توهان جي جڳھ جي حساب سان تبديل هوندو، ۽ تنهن ڪري ان کان پهرئين ئي توهان کي اٽڪل وقت ڄاڻيل ۽ ياد هجن. جيڪي وقت توهان ياد رکندؤ اهي اٽڪل جي حيثيت رکن ٿا!

4) هڪ دفعو ٻيهر ٻڌائيندا هلئون،مٿي درج فهرست ۾ ڄاڻيل يا ڪنهن ٻاهرئين ذريعي سان حاصل ڪيل وقتن مان ڪنهن به وقت جي پرواه ڪرڻ کان بغير، **توهان کي لازمي طور تي شمس بين جي مدد سان سج جو نظارو ڪرڻو پوندو جڏهن به سج جي گولي جو ڪو به حصو نذر ايندو هجي.**

5) هي هدايتون تصويرن ذريعي سمجهائيندڙ ڪتابچي سان همراه آهن ته جيئن توهان کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿين.

---

**توهان کي هيٺ ڏنل بيان لازمي پڙهڻو پوندو، سمجهڻو پوندو ۽ ان جي پوئيواري ڪرڻي پوندي:**

## مونکي شمس بين جي استعمال جي حوالي سان تمام هدايتن جي لازمي پوئيواري ڪرڻ گهرجي، ته جيئن ان کي حفاظت سان استعمال ڪري سگهجي.

## جيڪڏهن سج جي روشن گولي جو ڪو به حصو نظر ايندو هوندو، مون کي سج جي نظاري جي لاءِ لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي.

## ** منهنجي جڳهه تي گرهڻ مڪمل نه آهي **

توهان مڪمل گرهڻ جي رستي ۾ موجود نه آهيو، ۽ تنهنڪري توهان مڪمل گرهڻ جي خوبصورتيءَ جو تجربو حاصل نه ڪندؤ. (اسان جي توهان کي اها پرزور صلاح آهي ته توهان پنهنجي جڳهه کي تبديل ڪري مڪمل گرهڻ جي رستي ۾ آهڻيو ته جيئن توهان هن شاندار تجربي کي ونڊي سگهو!)

6) توهان جي مخصوص جڳهه جي لاءِ هن ويب سائيٽ [eclipse2024.org/find-times](eclipse2024.org/find-times) تي مهيا ڪيل معلومات جي بنياد تي، هيٺ ڏنل هر هڪ گرهڻ جي موقعي جي انڪل وقتن جي باري ۾ لکو(پنهنجي زون جي وقت جي حساب سان وقت کي ٺيڪ ڪندا!):

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| **C1** ڪان پهرئين | * گرهڻ نه آهي * | |  |  | توهان کي لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي |
| **C1** | جزوي مرحلو هن وقت شروع ٿيندو: | |  |  | توهان کي لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي |
| **وچ گرهڻ** | واقع ٿئي ٿو: | |  |  | توهان کي لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي |
| **C4** | جزوي مرحلو هن وقت ختم ٿيندو: | |  |  | توهان کي لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي |
| **C4** ڪان پوءِ | * گرهڻ نه آهي * | |  |  | توهان کي لازمي شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي |

*(توهان اهيو جاڻي ڇڏيو، جيئن ته توهان جي جڳهه تي گرهڻ مڪمل نه آهي انڪري C2 ۽ C3 جا وقت شامل نه آهن!)*

2) **جيئن ته اتي مڪمل گرهڻ نه آهي جتي توهان موجود آهيو انڪري سج جو مشاهدو ڪرڻ جي لاءِ توهان کي لازمي هميشه شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي.** بهر، اسان جي صلاح آهي ته توهان مڪمل گرهڻ جي رستي ۾ سفر ڪندا. شمس بين پاڻ سان گڏ کڻڻ جي خاطري ڪندا ته جيئن توهان حفاظت سان گرهڻ جي جزوي مرحلن جو مشاهدو ڪري سگهو.

3) هي هدايتون تصويرن ذريعي سمجهائيندڙ ڪتابچي سان همراه آهن ته جيئن توهان کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿين.

---

**توهان کي هيٺ ڏنل بيان لازمي پڙهڻو پوندو، سمجهڻو پوندو ۽ ان جي پوئيواري ڪرڻي پوندي:**

مونکي شمس بين جي استعمال جي حوالي سان تمام هدايتن جي لازمي پوئيواري ڪرڻ گهرجي، ته جيئن ان کي حفاظت سان استعمال ڪري سگهجي.

## مون کي لازمي سج جي نطاري ڪرڻ خاطر هميشه شمس بين استعمال ڪرڻ گهرجي.

سنڌي

GRAN ECLIPSE NORTEAMERICANO

GRANDE ÉCLIPSE NORD-AMÉRICAINE

GREAT NORTH AMERICAN ECLIPSE

ECLIPSE 2024 .org